REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 10 اپريل 2024ع پهرين شوال المڪرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 316

يوسف رضا گيلاڻي چيئرمين ۽ سيدال ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چونڊجي ويا، حلف ب ڪٽي ورتو

يوسف رضا گيلاڻي چيئرمين ۽ سردار سيدال ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چونڊجي ويا، حڪومتي اتحاد طرفان پيپلزپارٽي جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزيراعظر يوسف رضا گيلاڻي بنا مقابلي سينيٽ چيئرمين چونڊجي ويو

مسلم ليگ ن جو سردار سيدال خان ناصر بنا مقابلي ڊپٽي سينيٽ چيئرمين چونڊجي ويو آهي، سينيٽ اجلاس ۾ پرڊيهي وزير اسحاق ڊار پرزائيڊنگ آفيسر طور ذميواريون انجام ڏنيون

سينيٽ اجلاس جي شروعات تي پي ٽي آءِ طرفان احتجاج ڪيو ويو ۽ علي ظفر چيو ته جيستائين ڪي پي جا سينيٽر نڪا اچن، تيستائين اجلاس ملتوي ڪيو وڃي

پرڊيهي وزير اسحاق ڊار پرزائيڊنگ آفيسر طور نون چونڊيل سينيٽر کان حلف ورتو آزاد حيثيت ۾ سينيٽر چونڊيل فيصل واوڊا سينيٽ جي ميمبر شپ جو حلف نه ڪنيو

سينيٽ چيئرمين لاءِ يوسف رضا گيلاڻي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ۽ ڊپٽي چيئرمين سينيٽ لاءِ حڪومتي اتحاد جي اميدوار سيدال خان ناصر نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

پريزائيڊنگ آفيسر اسحاق ڊار يوسف رضا گيلاڻي کي سينيٽ چيئرمين جي عهدي جو حلف ورتو جنهن ڪانپوءِ يوسف رضا گيلاڻي پنهنجي سيٽ سنيالي ورتي

اسلام آباد (بيورو) يوسف رضا گيلاڻي چيئرمين ۽ سردار سيدال ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چونڊجي ويا. عهدن جو قسم ڪٽي ورتو. حڪومتي اتحاد طرفان پيپلزپارٽي جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزيراعظر يوسف رضا گيلاڻي بنا مقابلي سينيٽ چيئرمين چونڊجي ويو. جڏهن ته مسلم ليگ ن جو سردار سيدال خان ناصر بنا مقابلي ڊپٽي سينيٽ چيئرمين چونڊجي ويو آهي. سينيٽ اجلاس ۾ پرڊيهي وزير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظر شهباز شريف جو ملڪ ۾ تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو اعلان

پاڪستان جي هارن کي تعليم جي زيور سان ليس ڪنداسين، پاڪستان ۾ 2 ڪروڙ 60 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن، اسان شاگردن جي هٿن ۾ هٿيار نه ليپ ٽاپ ڏنا: شهباز شريف

اسان کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو ته شهباز شريف ائين چو ڪري رهيو آهي، جڏهن اميرن لاءِ ايڇ سي ڪالج نهي سگهي ته غريبن لاءِ درسگاهون چو نٽيون نهي سگهن؟

جيستائين قوم جي ڪروڙين هارن جي لاءِ تعليم جو بندوبست نه ٿو ڪيو وڃي ان وقت تائين قائداعظر جي پاڪستان جو خواب پورو نٿو ٿي سگهي، دانش اسڪولن جو دائرو ٻين صوبن تائين ڦهلايو پيو وڃي

اڳوڻي وزيراعظر نواز شريف جي قيادت ۾ قوم جي هارين ۽ هارڙين کي تعليم جي زيور سان ليس ڪرڻ جي لاءِ پنجاب ۾ جيڪي ڪوششون شروع ڪيون ويون هيون ان جي دائري ۾ توسيع ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد ۾ اهڙين زمينون موجود هيون جتي اميرن جي هارن جي لاءِ اسڪول ڪلي ويا آهن جيڪا سڻي ٻگاهه آهي پر تعليم رڳو اميرن جي هارن جو حق نه آهي غريب جي هارن کي به جديد تعليمي سهولتون ملڻ گهرجن

گلگت بلتستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير، بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ دانش اسڪولن جي قيام جي لاءِ سئو سيڪڙو وسيلا وفاق پاران فراهم ڪيا ويندا: دانش اسڪول سائيٽ جي معائني دوران ٻگاهيون

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظر محمد شهباز شريف چيو آهي ته دنيا جي ڪابه قوم تعليم ۽ شعور کانسواءِ ترقي ۽ خوشحالي جي منزل حاصل نٿي ڪري سگهي جيستائين قوم جي ڪروڙين هارن جي لاءِ تعليم جو بندوبست نه ٿو ڪيو وڃي ان وقت تائين قائداعظر جي پاڪستان جو خواب پورو نٿو ٿي سگهي، دانش اسڪولن جو دائرو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف دانش اسڪول جي دوري دوران شاگرد سان ٻگالهائيندي

محمد بن سلمان سيڙپڪاري جي صورت ۾ پاڪستان جي پرپور مدد ڪندو: ناٽي وارو وزير

14 اپريل تي واشنگٽن ۾ عالمي مالياتي فنڊ منصوبي جي خدوخال تي ٻگالهين لاءِ وڃي رهيو آهيان

محمد بن سلمان سان هاڪاري ملاقات ٿي، هن عزم ڪيو ته هو سيڙپڪاري جي صورت ۾ پاڪستان جي پرپور مدد ڪندو

مهانگائي ۾ گهٽتائي سان پاليسي ريٽ ۾ به گهٽتائي جو امڪان آهي، فيڊريشن ۾ جيڪو ٽيندو، صوبن جي مشاورت سان ٽيندو

اسلام آباد (م ڊ) ناٽي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته 14 اپريل تي واشنگٽن ۾ عالمي مالياتي فنڊ منصوبي جي خدوخال تي ٻگالهين ٽيندين. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان اينڈي. محمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستاني شهرين جي قتل ۾ يارت جي ملوث هجڻ بابت رپورٽ تي آمريڪا جو اهم بيان

پرڊيهي سيڪريٽري جمعي ڏينهن پاڪستان جي پرڊيهي وزير سان رابطو ڪري مضبوط حصيداري جو عزم ورجايو: آمريڪا

رابطي دوران دهشتگردي جي خاتمي، واپاري ۽ سيڙپڪاري حصيداري کي هٿي ڏيڻ تي پڻ ٻگالهه ٻولهه ٿي

پاڪستان ۽ يارت جي حوصلا افزائي ڪن ٿا ته چڪاڻ ڪان پاسو ڪن، ٻگالهين ذريعي حل ڳوليو وڃي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڊيهي ڪاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته پرڊيهي سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22


ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

عيد جي موقعي تي سنڌ ۾ سينئر آفيسرن جون بدليون ۽ مقررين، نوٽيفڪيشن جاري

سيد حسن نقوي کي ڪمشنر ڪراچي مقرر ڪيو ويو. سليم راجپوت کي سيڪريٽري ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس مقرر ڪيو ويو

پاس جي گريڊ 20 هين جي آفيسر آصف اڪرام کي سيڪريٽري انفرميشن، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو

راجا خرم شهزاد عمر کي سيڪريٽري سيڙپڪاري کاتو مقرر ڪيو ويو، مريد حسين راهمون ميمبر صوبائي اليڪشن اٿارٽي مقرر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت عيد جي موقعي تي اهم عهدن تي ردوبدل ڪندي گريڊ 21 ۽ ويهن جي آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جاري ڪيل سروس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايف بي آر جو ٽيڪس چورن جون سمون بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو

4 لک انڊر فائلرز جي سيڌاڻپ ڪئي آهي، جن قابل ٽيڪس آمدني باوجود پنهنجا ريٽرن فائل نه ڪيا: ايف بي آر

ايف بي آر عيدالفطر کانپوءِ انڪم ٽيڪس جنرل آرڊر جاري ڪندو، نوٽيس به موڪليا هئا پر انهن طرفان به ريٽرن جمع نه ڪرايا ويا

هڪ لک نان فائلرز جي سيڌاڻپ ايف بي آر جي برانچنگ نوٽيڪس بيس ۾ ڪئي وئي آهي، انهن جون سمون به بلاڪ ٿيندڙ ٿيندين

اسلام آباد (م ڊ) ايف بي آر ٽيڪس چورن جون 5 لک سمون بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


وفاقي وزير محمد اورنگزيب (فائل فوٽو)

غير رجسٽرڊ گاڏين کي روڊن تي اچڻ کان روڪڻ لاءِ قانون ۾ ترميم ڪرڻ جو فيصلو

سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ايڪسائز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول جو اجلاس

اجلاس ۾ غير رجسٽرڊ گاڏين لاءِ قانونسازي ۽ منشيات تي ڪنٽرول جي ڪوششن سميت ٻين معاملن تي غور وچار ڪيو ويو

غير رجسٽرڊ گاڏين کي روڊن تي اچڻ کان روڪڻ لاءِ قانون ۾ ترميم ڪئي ويندي، منشيات وڪري کي روڪڻ لاءِ قدم يقيني بڻايا وڃن: شرڪيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي پاران غير رجسٽرڊ گاڏين کي روڊن تي اچڻ کان روڪڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

دادو: ڏيوتي تان غير حاضر رهندڙ 7 پوليس اهلڪارن جون نوڪريون چٽ

ايس ايس پي دادو طرفان غير حاضر اهلڪارن کي نوٽيس جاري ڪرڻ باوجود ڏيوٽين تي نه پهچڻ تي سخت قدم کنيا ويا

برطرف ٿيل اهلڪارن ۾ منور اعوان، فاروق هالو، شفقت شاهه، خالد زرداري، واحد ڪوسو، شير محمد جڪراڻي، رب رکيو پير شامل آهن

دادو (م ڊ) ايس ايس پي دادو ڏيوٽي تان غير حاضر رهندڙ 7 پوليس اهلڪارن جون نوڪريون ختم ڪري ڇڏي. ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار طرفان غير حاضر رهندڙ اهلڪارن کي نوٽيس جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايم ڪيو ايم جو وزيراعظر کان ملڪ ۾ تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو

ڪوبه اڪيلو ملڪ ترقي ناهي ڪندو پر سڄو خطو ترقي ڪندو آهي، تعليمي ايمرجنسي لڳائي وڃي: خالد مقبول

پنجويهه ڪان ٽيهن سالن ۾ آسان جي خطي به ترقي ڪئي آهي پر آسان پنهنجي خطي ۾ به پوئتي رهجي ويا آهيون

سائنس اهو چوي ٿي ته تعمير ۽ ترقي جي ڊوڙ ۾ هڪ ارب ماڻهو غير ضروري نه ٿي وڃن: اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير خالد مقبول صديقي چيو آهي ته منهنجو وزيراعظر ڪان مطالبو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19


وفاقي وزير خالد مقبول صديقي (فائل فوٽو)

سعودي عرب جو استيٽ بئنڪ ۾ ڊپازٽس 3 مان وڌائي 5 ارب ڊالر ڪرڻ جو فيصلو

شهباز شريف جي سعودي عرب جي دوري ۽ ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان ملاقات ۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي: محمد التحطاني

پاڪستان ۽ سعودي عرب 5 ارب ڊالرز جي سيڙپڪاري پلان تي عملدرآمد تيز ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي

سعودي عرب پاڪستان جي مرڪزي بينڪ ۾ ڊپازٽس 3 ارب ڊالرز مان وڌائي 5 ارب ڊالرز ڪندو: جاري ڪيل بيان

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي پاڪستان ۾ 21 ارب ڊالرز جي سيڙپڪاري لاءِ ٻگالهيون جاري آهن. سعودي عرب جي هولڊنگ ڪمپني جي سي اي او محمد التحطاني پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۽ سعودي عرب 5 ارب ڊالرز جي سيڙپڪاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

حڪومت چوڪرين جي تعليم تي خاص ڌيان ڏني: ملالا يوسفزئي جو وزيراعظر کي خط

پاڪستان کي مستقبل ۾ ڪافي مشڪل صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، اميد ته اوهان جي قيادت ۾ ملڪ ترقي ڪندو

چوڪرين جي تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، گذريل ڏهاڪي ۾ چوڪرين جي تعليم جي حوالي سان ڪافي اڳيرائي ٿي آهي

پاڪستان هن وقت جي ڊي پي جو 2 سيڪڙو ڪان به گهٽ تعليم تي خرچ ڪري رهيو آهي، چاهيون ٿا ته اها شرح چار سيڪڙو تائين وڌائي

اسلام آباد (م ڊ) نوبل انعام يافته ملالا يوسفزئي جو وزيراعظر شهباز شريف کي خط. ملالا يوسفزئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05


اسلام آباد: اسحاق ڊار سيد يوسف رضا گيلاني کان سينيٽ چيئرمين طور حلف ڪٽائيندي

شهباز ۽ مريم لاءِ جهاز جو رخ تبديل، مسافرن جو سخت احتجاج

شهباز شريف، مريم نواز وفد سان گڏ پي آءِ اي جي جده کان اسلام آباد جي اڏام پي ڪي 842 تي سفر ڪيو

پي آءِ اي جو جهاز جدي ۾ وزيراعظر جي وفد جي انتظار ۾ 2 ڪلاڪ ديرسان اڏام ۾ري، مسافر احتجاج ڪندا رهيا

وزيراعظر جهاز اسلام آباد بدران لاهور ۾ لاهڻ جو حڪم ڏنو، لاهور ۾ مسافر 2 ڪلاڪ قائل رهيا، ڪين جهاز مان لهڻ به نه ڏنو ويو

اسلام آباد (رپورٽر) وزيراعظر شهباز شريف ۽ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز جو پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) جي عام اڏام ۾ سفر ايئر لائن ۽ سوين مسافرن لاءِ آفت ٻڌائجي. شهباز شريف، مريم نواز وفد سان گڏ پي آءِ اي جي جده/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ ۾ مهانگائي 50 سالن جا رڪارڊ توڙي ڇڏيا، بجلي، گيس جي قيمتن ۾ اضافو وڏو سبب قرار

پاڪستان ۾ هلندڙ مالي سال دوران مهانگائي 1974 کان پوءِ سڀني کان وڌيڪ رهي، اينڊز سال مهانگائي جي شرح گهٽ ٽيڻ جو امڪان آهي

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ شهري علائقن ۾ توانائي جي مهانگائي 50 سيڪڙو کان وڌي وئي

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ مهانگائي 28.8 سيڪڙو رهي، جيڪا گذريل سال ساڳئي وقت ۾ 25 سيڪڙو هئي

اسلام آباد (م ڊ) بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ تاريخي واڌ 50 سالن جي رڪارڊ کي ٽوڙي ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25


اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني چيئرمين پ پ سان ملاقات ڪندي

سمن آباد جي علاقي مان گم ٿيل شهري ظفر عباس بازياب ٿي سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو

عدالت شهري جي بازيابي لاءِ آءِ جي سنڌ کي طلب ڪيو هو آءِ جي سنڌ ته پيش نه ٿيو پر شهري بازياب ٿي عدالت ۾ پهچي ويو

جيڪڏهن ته ڪنهن ڏوهه ڪيو آهي ته سندس خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي، پر ماڻهن کي گم ڪرڻ سان ڪر نه هلندو: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي حڪم تي سمن آباد جي علاقي مان گم ٿيل شهري ظفر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪشمور مان اغوا تيل پيءُ پٽ راڃوٽي ڪوشش ذريعي بازياب ٿي گهر پهچي ويا

بخشاپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران مغوي پيءُ ۽ پٽ کي بازياب ڪرائي ورتو: پوليس جي دعويٰ

مقابلي دوران ڏاڙيلن جو گهيرو ٽنگ ٽيڻ سبب هٿيار ٻندن مغوي سراج احمد ۽ سندس معصوم پٽ شهريار گولاٽو کي ڇڏي فرار ٿي ويا هئا

مغوين کي پوليس مقابلي دوران نه بلڪ راڃوٽي ڪوشش ذريعي بازياب ڪرايو ويو آهي (ذريعا) گهروارن سميت شهرين ۾ خوشيءَ جي لهر

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور واسي مغوي سراج احمد ۽ سندس معصوم پٽ شهريار گولاٽو راڃوٽي ڪوشش ذريعي بازياب ٿي گهر پهچي ويا آهن. پوليس پاران مغوين کي ميڊيا پوليس مقابلي دوران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪندي پريس رليز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عالمي بئنڪ پاڪستان جي مستقبل بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

اڄ وڄ جي لاڳت ۾ واڌ سبب اسڪول، صحت مرڪز، مارڪيٽ تائين رسائي جا خرچ به وڌي ويا آهن: عالمي بئنڪ

سنڌ، خيبرپختونخوا، بلوچستان جي 43 ضلعن ۾ غذائي عدم تحفظ وڌڻ جو خدشو آهي، ۾ ملڪ ۾ غذائي مهانگائي وڌيڪ آهي

غريب گهرانن جي 50 سيڪڙو بجيٽ خوراڪ تي خرچ ٿيندي آهي، غذائي عدم تحفظ 29 سيڪڙو مان وڌي 32 سيڪڙو تي پهتو آهي

واشنگٽن (م ڊ) عالمي بينڪ چيو آهي ته پاڪستان ۾ غذائي عدم تحفظ ۾ واڌ ڄڏهن ته تعليم ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

فيصل آباد: ريلوي اسٽيشن تي مسافر عيد لاءِ روانا ٿي رهيا آهن

سون سوين روپيا مهانگو، تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو

في تولي سون جي قيمت واڌ بعد 2 لک 47 هزار 6 سئو روپيا ٿي وئي

ڏهه گرام سون 1629 روپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 2 لک 12 هزار 277 روپين جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) عالمي ۽ مقامي سطح تي سون جون قيمتون تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، ملڪ في تولي سون جي قيمت 1900 روپيا واڌ بعد 2 لک 47 هزار 6 سئو روپيا ٿي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪوٽ غلام محمد ويجهو پائٽي هٿان رٽائرڊ سب انسپيڪٽر مارجي ويو

ڳوٽ يار محمد پرڳڙي ۾ پراڻي تڪرار تان رٽائرڊ سب انسپيڪٽر مارجي ويو

پرڳڙي برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي تڪرار تان فائرنگ ۾ نياز احمد پرڳڙي مارجي ويو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ويجهو پائٽي هٿان رٽائرڊ سب انسپيڪٽر مارجي ويو. ڳوٽ يار محمد پرڳڙي ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ رٽائرڊ سب انسپيڪٽر مارجي ويو پرڳڙي برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي تڪرار تان فائرنگ ۾ نياز احمد پرڳڙي مارجي ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسرائيل رفح ۾ زميني حملي جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي

لاڳيتو پنهنجي هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون: نيتن ياهو

ڪوشش آهي ته يرغمالين کي آزاد ڪرائي حماس تي فتح حاصل ڪريون

تل ابيب (م ڊ) اسرائيل جي وزيراعظر نيتن ياهو اعلان ڪيو آهي ته هتن رفح تي پرپور فوجي حملي لاءِ تاريخ مقرر ڪري ورتي آهي ته جيئن غزا جي ڏکڻ ۾ حماس جي ان آخري گڙهه کي ختر ڪري سگهجي. رفح شهر غزا جي ڏکڻ ۾ مصري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

استاڪ ايڪسچينج ۾ تاريخي ڏينهن، نئون رڪارڊ قائم ٿي ويو

ڪاروبار دوران 100 انڊيڪس 70 هزار پوائنٽس جي حد پار ڪري ويو

ڪاروبار جي پڇاڙي تي 100 انڊيڪس 694 واڌ سان 70 هزار 314 پوائنٽس تي بند ٿيو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان استاڪ مارڪيٽ 70 هزار پوائنٽس جي حد پار ڪري نئين تاريخ لکي ڇڏي. استاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروباري ڏينهن جي شروعات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


سوات: وفاقي وزير امير مقام تقريب کي خطاب ڪندي

عيد جي ڏينهن ۾ ٽرين جي ڪرائن ۾ گهٽتائي ٿيندي: ريلوي

عيدالفطر جا ٽئي ڏينهن ٽرين ڪرائن ۾ 25 سيڪڙو رعايت جو اعلان ڪيو ويو

ڪرائن ۾ رعايت سيني مسافر ٽرينن جي سيني ڪلاسز لاءِ هوندي

لاهور (م ڊ) پاڪستان ريلوي مسافرن لاءِ سڻي خبر ٻڌائي آهي ته عيد جي ڏينهن ۾ ٽرين جي ڪرائن ۾ گهٽتائي ٿيندي. عيدالفطر جا ٽئي ڏينهن ريلويز طرفان ٽرين ڪرائن ۾ 25 سيڪڙو رعايت جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سينيٽ چيئرمين 22 اپريل تائين اپوزيشن ليڈر جو نالو به طلب ڪري ورتو

اميدوارن کي به اپوزيشن يا حڪومتي بئنچن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ 7 ڏينهن جي مهلت

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سينيٽ ۾ قائد ايوان مقرر

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظر شهباز شريف، اسحاق ڊار کي سينيٽ ۾ قائد ايوان مقرر ڪري چڪيو. پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايوان قائد مقرر ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن به وزيراعظر هائوس مان جاري ڪيو ويو آهي هوڏانهن نئين چونڊيل سينيٽ چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سنڌ حڪومت جو ترجمان مقرر

مرتضيٰ وهاب شهر جو انتظام سنيالڻ سان گڏ حڪومت جي ترجماني به ڪندو

مرتضيٰ وهاب سان گڏ گهنور خان اسراڻ به سنڌ حڪومت جو ترجمان هوندو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب شهر جو انتظام سنيالڻ سان گڏ سنڌ حڪومت جي ترجماني به ڪندو. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ڪي سنڌ حڪومت جو ترجمان مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب (فائل فوٽو)

تنڊو محمد خان: عيدالفطر جي موقعي تي شهيد پوليس اهلڪارن جي خاندان ۾ مٽائيون ۽ ٻيو سامان تقسيم

شهيد پوليس اهلڪارن جي ٻيواهن ۽ فيملي ۾ عيد جي موقعي تي چيڪ مٽائيون گلن جا گلدستا ۽ ٻارن ۾ راندين ڪا ڳٽ ڏنا ويا

ڊي ايس پي بلڙي شاهه ڪريم محمد خان زنئور ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر محمد بخش خاصخيلي شهيد پوليس اهلڪارن جي گهر پهتو

هن خوشين جي لمحي ۾ سنڌ پوليس جي فيملي سان گڏ ٻيئل آهيون شهيدن جي فيملي هر ممڪن مدد فراهم ڪنداسين : ڳالهيون

تنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي ٻروهي)آءِ جي سنڌ جي حڪر تحت ايس ايس پي تنڊو محمد خان جي هدايت تي عيدالفطر جي موقعي تي شهيد پوليس اهلڪارن جي ٻيواهن ۽ فيملي ۾ عيد جي موقعي تي چيڪ مٽائيون گلن جا گلدستا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



تنڊو محمد خان : شهيد پوليس اهلڪارن جي خاندانن ۾ مٽائي تقسيم ڪئي پٽي وڃي

ڪراچي : پي بي 21 حب جي ٻيهر ڳڻپ ڪي مڪمل طور رد

ايڊووڪيٽ محمد اقبال جاموٽ، مير صفدر خان مگسي ۽ ٻين سائين پي بي 21 حب جي ٻيهر ڳڻپ ڪي مڪمل طور رد ڪري چڏيو

اليڪشن ڪميشن پي بي 21 تي ٻيهر ڳڻپ جو حڪم ڏنو هو، رات 9.00 وڳي ڳڻپ جو عمل شروع ٿيندو : ايڊووڪيٽ اقبال جاموٽ

هاءِ ڪورٽ بلوچستان سميت سمورن اعليٰ اداارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فوري طور نوٽيس ونڊي انصاف ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) حب پوتائي گروپ جي سينيئر اڳواڻ ايڊووڪيٽ محمد اقبال جاموٽ، مير صفدر خان مگسي ۽ ٻين سائين پي بي 21 حب جي ٻيهر ڳڻپ کي مڪمل طور رد



ڪراچي : ايڊووڪيٽ اقبال جاموٽ ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سي سي جا ڪجهه ڪرپٽ آفيسر ڪو به ڪم نه ڪري رهيا آهن : راحب علي سميجو

ڪنڊڪوٽ ڪشمور، گهوٽڪي جي شامل آهن ۽ انهن جا لکين مزدور مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن

ملون ۽ گهوٽڪي جي پگهار مان هر مهيني 1500 روپيا امداد طور ڪٽوتي ڪئي ويندي آهي

سڪر (ٻيورو رپورٽ) مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري راحب علي سميجو چيو آهي ته پورهيتن ۽ پورهيتڻ جي محنت جي پئسو ڪرپٽ آفيسر سندن پيلاڻي ۽ ٻين ڪرپٽ ماڻهن کي ڏيڻ بدران پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ملير: اسٽيل ٽائون پوليس جي گهڪگهر چنڊو ڀوٽ پرسان مبينا طور چڙهائي

مزاحمت تي عورتون، مرد زخمي گهر ڏاهي پٽ ڪري چڏيا، پوليس پنج جڻن کي گرفتار ڪري ٽاڻي منتقل ڪري چڏيو

اسان جواجي اڈي تي چاپو هٽي منشيات، ڊمپر جڏهن ته چوري جون گاڏيون پڙهه ڪيون آهن : ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون جواجي اڈي تي موجود ماڻهن پوليس کي ڪاروائي کان روڪي ڏيوٽي اٽڪاءِ ڪيو جوابدار گرفتار ڪيا آهن

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) اسٽيل ٽائون پوليس جي گهڪگهر چنڊو ڀوٽ پرسان مبينا طور ڏاهي پٽ ڪري چڏيا، پوليس پنج جڻن کي گرفتار ڪري ٽاڻي منتقل ڪري چڏيو. اسان جواجي اڈي تي چاپو هٽي منشيات، ڊمپر جڏهن ته چوري جون گاڏيون پڙهه ڪيون آهن : ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون جواجي اڈي تي موجود ماڻهن پوليس کي ڪاروائي کان روڪي ڏيوٽي اٽڪاءِ ڪيو جوابدار گرفتار ڪيا آهن

غوٽپور ۾ پ پ جي ايگزيڪيوٽو بادي جو اجلاس

اجلاس جي شروعات تلاوتِ قرآن مجيد ۽ پارٽي شهيدن کي قل خواني جي ذريعي خراج عقيدت پيش

پيپلز پارٽي ڊجيٽل ميڊيا سيل ضلع ڪشمور انچارج مختيار علي ميراڻي ۽ ٻين آگوائن جي شرڪت

اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ڪشمور ڪنڊڪوٽ مدھرونگ ۽ ڊيلي ونگ جي تمام عهديدار پڻ موجود هئا

غوٽپور (عبدالنبي ملڪ) ڪنڊڪوٽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ڪائونسل آفيس ڪنڊڪوٽ ضلع ڪشمور ايگزيڪيوٽو بادي جو اجلاس ضلع ڪشمور صدر چيئرمين ضلع ڪائونسل ميرگل محمد خان جڪراڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ڪشمور / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05



غوٽپور : اجلاس کي آگوائن خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپورخاص ۾ يتيم نوجوانن پاران چاڪن تي زمين قبضائڻ ۽ پوليس تي ڏرٽيئن جو الزام

ميرپورخاص(ٻيوروچيف) ميرپورخاص ۾ يتيم نوجوانن پاران چاڪن تي زمين قبضائڻ ۽ پوليس تي ڏرٽيئن جو الزام. ميرپورخاص لڳ ٻيلهاڙو شاخ پرسان ڳوٺ يوسف باجوا جي رهاسي ٻن نوجوانن شهزور باجوا ۽ بلال باجوا پنهنجي پٽڻي سان گڏ احتجاج ڪندي چيو آهي ته هونديا هڻيا ته سندن والد فوت ٿي ويو. جنهن ڪري يتيم هٿ سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

لاڙڪاڻي شهر جي ڪوثر مل اسڪول جو سينئر استاد بخش چانڊيو ڪراچي اسپتال ۾ علاج ڪرائيندي وفات ڪري ويو

لاڙڪاڻو(ٻيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ڪوثر مل اسڪول جو سينئر استاد بخش چانڊيو ڪراچي اسپتال ۾ علاج ڪرائيندي وفات ڪري ويو. اڻڄاڻ ڏڪ جي خبر ملڻ بعد استادن ۾ غم جي لهر ڇانٽجي وئي ۽ پ پ ٽ الف تعلقي لاڙڪاڻي جي سابق صدر غلام سانگي وڏي ڏڪ جو اظهار ڪيو. مرحوم جي پويان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سي سي جا ڪجهه ڪرپٽ آفيسر ڪو به ڪم نه ڪري رهيا آهن : راحب علي سميجو

ڪنڊڪوٽ ڪشمور، گهوٽڪي جي شامل آهن ۽ انهن جا لکين مزدور مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن

ملون ۽ گهوٽڪي جي پگهار مان هر مهيني 1500 روپيا امداد طور ڪٽوتي ڪئي ويندي آهي

سڪر (ٻيورو رپورٽ) مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري راحب علي سميجو چيو آهي ته پورهيتن ۽ پورهيتڻ جي محنت جي پئسو ڪرپٽ آفيسر سندن پيلاڻي ۽ ٻين ڪرپٽ ماڻهن کي ڏيڻ بدران پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

متياري ۾ حاجي غلام حسين ميمڻ جي وفات تي هڪ آلي

سماجي اڳواڻ وڏيرو غلام حسين ميمڻ طبيعت ناساز هئڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ سينيٽر سيد محمد علي شاه جاموٽ سميت ٻين اڳواڻن جي شرڪت

متياري(رپورٽر) متياري جي سياسي سماجي شخصيت وڏيرو حاجي غلام حسين ميمڻ جي وفات تي هڪ آلي نماز جنازه ۾ وڏي تعداس سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪشمور پرسان هڪ ڏينهن اغوا ٿيل صحافي جو جوسئوٽ بازياب ٿي گهر پهچي ويو

گهنڊر شاهوٽ هتياربند سراج احمد ۽ سندس معصوم پٽ شهريار گولاٽو ڪي اغوا ڪري ويا هئا

پوليس فوٽو سيشن بعد مغوي ڪي وارثن حوالي ڪري چڏيو. گهر پاتين ۾ خوشي جي لهر ڇانٽجي وئي

ڪنڊڪوٽ (در) ڪشمور پرسان هڪ ڏينهن اغوا ٿيل صحافي جوجو سئوٽ سراج احمد گولاٽو بازياب ٿي گهر پهچي ويو. تفصيل موجب ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ايس ايڇ او سانگهڙ پاران منشيات فروش خلاف ويڙهين ۽ اهم ڪامياب ڪارروايون

هڪ منشيات جا ڊيلر گرفتار، هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ 4455 صحيح لاءِ نتصانڪار گٽڪا پڙيون هٿ

گرفتار ٿيل منشيات فروش خلاف منشيات ايڪٽ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن : پوليس

سانگهڙ) منڌارعلي رند(پس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي هدايتن تي منشيات فروشن جي خاتمي لاءِ ڪامياب ڪاروايون جاري آهن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11



سانگهڙ : گرفتار جوابدار پوليس جي حراست ۾ ٻيئل آهن

نئون ڪوٽ پرسان مبينا قتل ٿيل رمضان نهڙيو واقعي جو ڪيس داخل، گرفتاري عمل ۾ نه آئي

نهڙيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران مبينا قتل ٿيل پيرسن رمضان نهڙيو واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن اسان تي حملو ڪري اسانجي والد رمضان نهڙيو کي روميل سان گهٽا ڏئي ۽ ٽونشا هٽي بيهوش ڪيو : وارث

جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن، مگر هن مهل تائين کا گرفتاري عمل ۾ ناهي آڻي سگهي : پوليس

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان 2 ڏينهن اڳ جهيڙي دوران مبينا قتل ٿيل رمضان نهڙيو واقعي جو ڪيس داخل. گرفتاري عمل ۾ نه آڻي. خبر موجب نئون ڪوٽ پرسان گوٽ ڪلٿهار ڪارو ۾ ٻه ڏينهن اڳ نهڙيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران مبينا قتل ٿيل پيرسن رمضان نهڙيو واري واقعي جو ڪيس سندس پٽ اعجاز نهڙيو جي فرياد تي ڪلوئي ٽاڻي تي داخل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز پرسان قردوران مزاحمت ڪندي هڪ قورو مارجي ويو

ساڻي ساگر شاهه زخمي حالت ۾ سول اسپتال اعلاج لاءِ آندو ويو، هڪ واڻهڙو ظفرالله پرٽ کي پڻ گوليون لڳڻ سبب زخمي

نامعلوم ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وين ۾ سوار ماڻهن فائرنگ ڪري ڏني : پوليس ترجمان

قورو ساگر شاهه زخمي حالت ۾ پوليس سول اسپتال ڪنائي آندو ويو جنهن کي ڳڻتي جوگي حالت ۾ نواب شاهه ريفر ڪيو ويو

ڪاجهر اسٽاپ تي قردوران مزاحمت ڪندي هڪ قورو اعجاز ڪوڪر چانديو مارجي ويو. نوشهروفيروز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



نوشهروفيروز : زخمي ڏوهاري جو علاج ڪيو پيو وڃي

چمڙ مريد موري ويجهو ڀوٽ حاجي محمد موسا لنڊ ۾ مزدوري لاءِ آيلن جا گهر سڙي ويا

تنڊوالهيار (رپورٽر) چمڙ مريد موري ويجهو ڀوٽ حاجي محمد موسا لنڊ ۾ مزدوري لاءِ ويڙهل ڪولهين جي چار گهرن کي اچانڪ باهه رکوڙي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪرنڊ ۾ ڪٽڪ جو فصل لهڻ باوجود سرڪاري سطح تي ڪٽڪ جي خريداري شروع نه ٿي سگهي

آبادگار مجبورن گهٽ اگهه ۾ ڪتوتي تي ڪٽڪ واپارين حوالي ڪرڻ لڳا، لاڳاپيل اختيارين کي نوٽيس نه ورتو

سرڪاري اگهه 4 هزار روپيه مڻ جنهن حساب سان 10 هزار روپيا في هوري آهي : آبادگارن جون دانهون

جوڊيشل مئجسٽريٽ جي نگراني ۾ باردانو ورهائي آبادگارن کان سرڪاري اگهه تي خريد ڪري واپارين جي ظلم کان بچايو وڃي

سڪرنڊ(رپورٽ راج ڪماراوڊ) سڪرنڊ تعلقي ۾ ڪٽڪ جو فصل لهڻ باوجود سرڪاري سطح تي ڪٽڪ جي خريداري شروع نه ٿي سگهي، آبادگار مجبورن گهٽ اگهه ۾ ڪتوتي تي ڪٽڪ واپارين حوالي ڪرڻ لڳا آهن. ان سلسلي ۾ سڪرنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

تنڊو محمد خان جي يونين ڪائونسل لاکاڻ ۾ هارين جي گهرن کي باهه، 25 گهرسڙي رک

يونين ڪائونسل لاکاڻ ۾ ڀوٽ حسين ڪوسو جي اندراوچتو باهه 25 هارين جي گهرن کي چوطرف کان باهه وڪوڙي ورتو

لڳل خوفناڪ باهه جو دونهون آسمان ڏانهن پرواز ڪري قيامت برپا ٿيڻ جو منظر پيش ڪيو، هارن ۾ ڪيهات

اسان جي ڪاڌ خوراڪ ۽ مالي سهائتا لاءِ ٽينٽ ۽ راشن ڏنو وڃي تہ اسين پنهنجا ٻار ڇا محفوظ ڪري سگهون : متاثر

تنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي ٻروهي) تنڊو محمد خان جي يونين ڪائونسل لاکاڻ ۾ هارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



تنڊو محمد خان : باهه متاثر مدد لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي جا ڪمڙا اڳواڻ ڪٽي عيد ڪندا، ڪراچي ۾ ادارہ نور حق ۾ عيد ڳڏجاڻي منعقد ٿيندي : ترجمان

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي جا مرڪزي تنڍڙي صوبائي اڳواڻ پنهنجن اباڻن شهرن ۾ عيد الفطر جو ڏاڙو ملهائيندا. نئون چونڊيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سوپوديرو جي شهرن هنگورجو ٽاڪيپور ۽ سوپوديرو پاسکوءِ فوڊ ڪاتي پاران من پسند اهلڪار مقرر

ڊس مس آف سروس مبين خان انڙ جي نگراني ۾ هلائي وڃيڪ آبادگادن جي ڇٽن تي لوڻ برڪيو ويو

جسقم اڳواڻ ڪرم خان سفير سامتيو شفيق سومرو الاهي بخش سهتو زوار راجا حسين ميراڻي احتجاج ڪيو

سوپوديرو(رپورٽر) سوپوديرو جي وڏن شهرن هنگورجو ٽاڪيپور ۽ سوپوديرو پاسکوءِ فوڊ ڪاتي طرفان نام نهاد ڪريشن جا ٻي تاج بادشاه پاسکو ۾ هڪ رنگ روٽ بشني ۽ ڪي مقرر ڪري ان جي جڳهه تي گذريل سال جي ڪيل ڪروڙين روپين جي ڪيس ۾ ڊس مس آف سروس مبين خان انڙ جي نگراني ۾ هلائي وڃيڪ آبادگادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور: 15 پوليس جو صحافي متان تشدد، عديل علوي جي اڪ ضايع ڪري چڏي

توڙي شهري گڏ ٿي ويا، ٽاٽي ۽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، ايس ايس پي جو نوٽيس

15 انچارج خليل لغاري کي معطل ڪري انڪوائري ڪرائڻ جو حڪم ڏئي چڏيو

صحافي عديل علوي متان حملو ڪري حق ۽ سچ جي آواز کي روڪي نه ٿو سگهجي : مظاهرين

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) 15 پوليس جو صحافي متان وحشيانہ تشدد، ڪوريج دوران صحافي عديل علوي تي تشدد ڪري اڪ ضايع ڪري چڏي، شڪارپور جا صحافي توڙي شهري گڏ ٿي ويا. ٽاٽي ۽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، ايس ايس پي شڪارپور جو نوٽيس ، 15 انچارج خليل لغاري کي معطل ڪري انڪوائري ڪرائڻ جو حڪم ڏئي چڏيو خير موجب گذريل رات شڪارپور جي 15 مددگار پوليس جي انچارج خليل لغاري پاران پوليس اهلڪارن سان گڏجي ڪوريج ڪرڻ دوران شڪارپور جي صحافي ۽ شڪارپور يونين آف جرنلسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



شڪارپور : صحافي احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو: بيروزگار نوجوانن ۾ پنج ڪروڙ روپين جي مالیت جي هڪ سئو ڪان وڌيڪ چنگچي رکشا مفت تقسيم

سنڌ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن انزل بيگر فائونڊيشن پاران سنڌ ۽ پاڪستانين جي تعاون سان ضلعي شڪارپور جي ڳڙهي ياسين ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي ڳوٺائين علاقن جي رهائشي مستحق خاندانن مان بي بي روزگار نوجوانن ۾ پنج ڪروڙ روپين جي مالیت جي هڪ سو ڪان وڌيڪ چنگچي رکشا مفت تقسيم ڪيا ويا

بيروزگار معاشري ۾ مسائل جي بنياد وجہ ٿي ويو آهي صاحب حيثيت ماڻهون کي ملڪ جي نوجوانن جي مدد لاءِ اڳتي اچي روزگار جا موقعا فراهم ڪري سگهن ٿا : اڳواڻ

لاڙڪاڻو(ٻيورو رپورٽ) سماجي تنظيم پاران سنڌ پاڪستانين جي تعاون سان ضلعي لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور جي مختلف علاقن جي ڳوٺن جي رهائشي بيروزگار نوجوانن ۾ پنج ڪروڙ روپين جي مالیت جي هڪ سئو ڪان وڌيڪ چنگچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ميرپور ماٽيلو: ايس ايس پي جي پي آر او پاران صحافين کي نظرانداز ڪرڻ خلاف مظاهرو

صحافين پاران ايس ايس پي آفيس جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو، سخت نعريبازي

ايس ايس پي گهوٽڪي جو پي آر او افتخار آرائين بدمست، ڪرپٽ ۽ تعصب پرست آهي : مظاهرين جون دانهون

سنڌي اخبارن توڙي سنڌي ميڊيا سان تعصب ڪري ٿو، جنهن جي جيڪا مذمت ڪجي سا گهٽ آهي

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٽيلو : ايس ايس پي گهوٽڪي جي پي آر او پاران صحافين کي نظر انداز ڪرڻ خلاف ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج، پي آر او افتخار آرائين خلاف چٽي نعريبازي، ته پي آر او افتخار آرائين ميرپور ماٽيلو جي صحافين سان بہ اکيائي ڪري ٿو، ڪنهن بہ پريس ڪانفرنس ۾ پنهنجا من پسند صحافي گهرائي ٿو ۽ بين صحافين کي مڪمل طور نظرانداز ڪري ٿو پي آر او افتخار آرائين کي فوري طور هٽايو وڃي. اڳواڻ تفصيل موجب ايس ايس پي گهوٽڪي جي پي آر او پاران صحافين کي نظرانداز ڪرڻ خلاف ميرپور ماٽيلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



گهوٽڪي : ايس ايس پي جي پي آر او خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊڪوٽ جا مفوي بازياب نه ٿيا، گهرن ۾ بدستور ڪرام متل اختياريون خاموش

انتظاميا پوليس پاران ڪرايل خاطرين بعد نہ بازياب نہ ڪرائي سگهي ڪوڙا نلا دلاسا ڏنا ويا

ڊرٽي کي ختم ڪرائڻ لاءِ پوليس چڱن مڙسن جو سهارو وٺي هن کان احتجاجي ڊرٽو ختم ڪرايو

ڪنڊڪوٽ (در) ڪنڊڪوٽ عيد آئي پر جن کي ڏاڙيل اغوا ڪري ويا انهن کي پوليس ڪرايل خاطرين بعد ۾ بازياب نہ ڪرائي سگهي ڪوڙا نلا دلاسا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايس ايس پي شڪارپور صحافي تي پوليس تشدد جو نوٽيس ورتو

شڪارپور جي مددگار پوليس انچارج صحافي تي تشدد ڪيو هيو، وڊيو وائرل

صحافي عديل علوي تي تشدد جي وڊيو تي ايس ايس پي عرفان علي سمون نوٽيس ورتو

شڪارپور (رپورٽر) ايس ايس پي شڪارپور صحافي تي پوليس تشدد جو نوٽيس ورتو. شڪارپور جي مددگار پوليس انچارج صحافي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خيرپور ۾ عيدالفطر جو سيڪيورٽي پلان تيار

473 عيد گاهن، مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ امن و امان لاءِ 1885 اهلڪار مقرر

تفريحي ماڳن، خارجي ۽ داخلي رستن، بازارن ۽ شاپنگ سينٽرن تي اهلڪار مقرر ڪيا ويا

ايس ايس پي خيرپور زبير نظير شيخ پنهنجي پيغام ۾ پوليس اهلڪارن کي عيد جون مبارڪون ڏنيون

خيرپور ميرس (ٻيورو رپورٽ ايازاحمد سوهڻو) عيدالفطر جو سيڪيورٽي پلان تيار. 473 عيد گاهن، مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ امن و امان لاءِ 1885 اهلڪار مقرر. تفريحي ماڳن، خارجي ۽ داخلي رستن، بازارن ۽ شاپنگ سينٽرن تي اهلڪارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

لنواري شريف ۾ ناري انا انڙ تي تشدد ۽ مبينہ قتل واري واقعي بابت نوان انڪشاف

پاڻ خادم حسين انڙ تي قتل جا الزام ۽ سوشل ميڊيا تي ويڊيوز وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ ناري بابت نوان انڪشاف سامهون آيا

انا انڙ 2023 ۾ پنهنجي مڙس سان ڪاوڙجي پنهنجي پيٽ مسمات شيرين انڙ وٽ رهندي هئي جتان هو گم ٿي وئي : وارث

اسان کي اطلاع مليو ته مسمات انا انڙ جامشورو ۾ سرڪاري اسپتال ۾ زخمي حالت ۾ پيل آهي ۽ کي انا انڙ جو لاش مليو

ميهڙ(رپورٽر) 10 ڏينهن اڳ بدين ضلعي جي لنواري شريف واري علاقي ۾ ناري انا انڙ تي تشدد ۽ مبينہ قتل واري واقعي بابت نوان انڪشاف ، وارثن پاران شفاف جانچ جو مطالبو . فوٽڙ ناري کي اغوا ڪري وڪرو ڪرڻ بعد تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو الزام خبر موجب ميهڙ جي ڀوٽ وريام انڙ جي رهواسڻ 10 ڏينهن اڳ بدين ضلعي جي لنواري شريف ۾ ناري انا انڙ کي تشدد ڪري مبينہ طور قتل ڪري لاش دفنائڻ وارو مامرو . ناري انا انڙ ۽ سندس پيٽ شيرين انڙ پاران پنهنجي پاڻ خادم حسين انڙ تي قتل جا الزام ۽ سوشل ميڊيا تي ويڊيوز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21



ميهڙ : مقتول انا انڙ جا وارث پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون : نظير احمد پٽو

عيد جي موقعي تي صفائي سترائي کي يقيني بنائڻ لاءِ ٽائون آفيسرن ۽ ٽائون ميمبرن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي آهي

ڪاميٽي صفائي سترائي جي ڪم جي نگراني ڪري رهي آهي آئون پاڻ به جائزو وٺڻ لاءِ مختلف علاقن جو دورو ڪيو آهي

پارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي هدايتن تي عوام کي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري رهيا آهيون

ملير (رپورٽر) ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پٽو، ميونسپل ڪمشنر تنوير آرائين، ٽائون آفيسر ۽ ٽائون ميمبرن سان گڏ ابراهيم حيدري ٽائون جي مختلف علاقن جو اوچتو دورو ڪيو. يوسي ڪيٽل کالوني، يوسي مسلم آباد، يوسي مجيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

لاڙڪاڻي ۾ گورنمينٽ ووڪيشنل گرلس اسڪول جي بلڊنگ جو افتتاح

اسان پي پي پي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جا نهايت ئي شڪر گذار آهيون : منور علي مناڻي

والدين اسان جي سينيٽرن تي داخلا وٺي هنر سکي پنهنجي زندگيءَ کي خوشحال بڻائين

اسان جي ٽريننگ يافته عورتن جي گهر ڪري رهيا آهن تہ جيئن هو بہ انهن عورتن کان هنري سکيا وٺي سگهن

لاڙڪاڻو(ٻيورو رپورٽ) مينيجنگ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا منور علي مناڻي گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي پهچي گورنمينٽ ووڪيشنل گرلس اسڪول جي بلڊنگ جو افتتاح ڪري سينٽرز جو دورو پڻ ڪيو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي منور علي مناڻي چيو تہ اسان پي پي پي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جا نهايت ئي شڪر گذار آهيون. جنهن هن ڪم ۾ اسان جو مڪمل ساٿ ڏنو آهي. جڏهن تہ دنيا جا ٻاهران ملڪ اسان جي ٽريننگ يافته عورتن جي گهر ڪري رهيا آهن تہ جيئن هو بہ انهن عورتن کان هنري سکيا وٺي سگهن. هن چيو تہ مان هتان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



لاڙڪاڻو : افتتاح دوران آگوائن دعا گهري رهيا آهن

قرون ڪنڊڙ ٽولي کي 4 موٽر سائيڪلن سميت گرفتار ڪيو آهي : ايس ايس پي تنڊو محمد خان

اشوڪ ڪمار جي دڪان تان ٽيل قرمل ملوٽ جوابدارن جي سي سي ٽي وي ڪئمرا ذريعي پوليس نشاندهي ڪري ورتي آهي

هاٿي روپوش جوابدار ظاهر ڪيا ويا آهن جنهن جي گرفتاري لاءِ پوليس جوتاسڪ فورس تشڪيل ڏنو ويو آهي

عيد جي موقعي تي مختلف ٽائٽن تان بدلين ڪري علاقي ۾ پهرين پيرو وڏيڪ پوليس پڪٽن جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي

تنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي ٻروهي) ايس ايس پي تنڊو محمد خان سيد امداد شاه دعوئ ڪئي آهي تہ تنڊو محمد خان مان موٽر سائيڪل قورون ڪنڊڙ ٽولي کي قرڪيل 4 موٽر سائيڪلن سميت گرفتار ڪري سندن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر

اربع 10 اپريل 2024ع

مجبور ماڻهو: مغرور جمهوريت

اعجاز منگي

سنگرار شهر جي ڪنهي ڪنيل پريا ڪماري اڄان واهپس نه وري آهي. هولي جا رنگ روئندا هليا ويا. هاڻي عيد جو اداس چند نڪرڻ وارو آهي. پرڇا اهو پهريون پيرو آهي؟ گذريل اڍائي سالن کان وٹي موسمون ماتم ڪنديون رهيون آهن ۽ تهوار تلخ احساسن سان سلهاڙجي. ايئن گذرندا رهيا آهن. جيئن تيز رفتار ريل جي درياءَ مان نندڙن ڳوڻن جا منظر اصرف پٺ تي ٽنگيل ڪئلينڈر ۾ ٽيبل تي رکيل ڊائريون نه. انسان جي اندر جون ڪيفيتون به تبديل ٿيندڙيون رهيون آهن. اميدون آسن ۽ آسون نراسائين ۾ اوتجي ويون. گهر جي در جا تاڪ انتظار وارين اکين جيان چپر چنبيندا رهيا پر جنهن معصوم پاتيءَ کي گهر موتي اڇٽو هو. اهو اڄ ڏينهن تائين واپس نه وريو آهي.

هڪ ماءُ جي هنج. رنج جي رڙ ۾ ڪونج وانگر ڪرلائي رهي آهي. هر آهٽ. هر ڪڙڪي ۾ هر گوڙ تي هڪ امڙ جي اک ڪلي وجي ٿي ۽ هوءَ پوتي پائڻ کان سواءِ سڏو در تائين پهچي پچي ٿي: "پريا آئي ..؟" نه. پريا نه آئي. برسات آئي، پريا نه آئي. سردي آئي، پريا نه آئي. گرمي اچي رهي آهي پر پريا جو ڪو پتو ناهي. هن کي زمين ڳڙڪائي وئي؟ هن کي آسمان ڪٽي ورتو؟ ڇا هوءَ کو سڪل پن هئي. جيڪو وقت جي واءَ تي اڏامندو ايترو دور هليو ويو آهي جو اتان هن جي اڇٽ جي اميد به پنهنجا پساهه پورا ڪري چڪي آهي!؟

دنيا ڪجه به چوي. حڪومت ڪهڙا به دڙڪا ڏئي. پر هڪ ماءُ جي انتظار کي ڪائي ڏمڪي ۽ ڪائي دهشت ختم ڪري نه ٿي سگهي. پريا ڪماريءَ جي امڙ انتظار جي سوريءَ تي اڍائي سالن کان وٹي لڙکي رهي آهي. هن جو اکين پنهنجي ٻچڙيءَ جي واٽ نهاري نهاري ٽڪجي پيون آهن. پر معلوم ناهي ته هوءَ هڪ مسڪين هندو پريوار جي راڄ ڪماري کهڙو بنواس پوگهي رهي آهي؟ هن کي کهڙي ڏوهه سبب امڙ جي آغوش کان ڇني ڌار ڪيو ويو؟ حڪومت پريا جي پرسرار گمشدگيءَ جي متان نه رڳو پردو وجهي ويئي آهي پر هوءَ هاڻي پريا متعلق سوال پڇڻ تي آپي مان نڪري وجي ٿي ۽ اهڙا عجيب منطق پيش ڪري ٿي. جنهن تي ڳڙهي خدابخش به ڳڻتيءَ ۾ ويڙهجي وجي ٿو.

جڏهن 9 حڪومتن جو عيني گواهه ۽ وارثون وار وزير ٽيندڙ سکر جو مدل ڪلاس ماڻهو ۽ هاڻي انرسنڊ جو وڏو وڪيرو پريا ڪماريءَ جي سوال تي چڙي چوي ٿو ته. "توهان کي اڍائي سالن کان پوءِ پريا ڪماري ڇو ياد آئي آهي؟" تڏهن هن کان اهو وسري ٿو وڃي ته هن جي سموري سياست ماضيءَ جو ماتر آهي. ڇا هو سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اهو چٽي سگهي ٿو ته. "شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 45 سال کان پوءِ ياد ڇو آيو آهي؟" افسوس صد افسوس. انهن انسانن تي جيڪي سچ ۽ انصاف کي پنهنجي سياسي ساهميءَ ۾ تورين تا ۽ اٽل سڏائين ان طرف ڪن ٿا. جنهن طرف انهن جو مفاد هجي. ان سلسلي ۾ صرف سکر جي سرڪاري جيالي تي تهمت نه ٿي هٿڪي پر لاڙڪاڻي جا سينئر اڳواڻ به ان سلسلي ۾ پوئتي ناهن. جڏهن به انهن کان پريا ڪماريءَ جي باري ۾ پڇا ڪجي ٿي ته. انهن جو "ميٽرشارٽ" تي وجي ٿو ۽ انهن جي اکين ۾ ڏکار ۽ انهن جي لفظن ۾ ڏمڪيون داخل ٿي وڃن ٿيون ۽ انهن جا لهجا اهو بيان ڏيڻ لڳن ٿا ته. آخر اوهان ڪهي سوال پڇڻ جي همت ڪيئن ٿي؟ هي ته "ووٹ وٹي واعدا وساريو" واري سسٽر جا چلتا پرزا آهن. انهن جي لاءِ "رات گئي، بات گئي" آهي. انهن کي اڍائي سال پراڻو واقعو ۽ اهو به هڪ گمنام شهر جي غريب گهر جو ۽ ان مٽان وري سموري سنڌ ۾ احتجاج ۽ سوشل ميڊيا تي توائي پريو طوفان! آهي رويا ۽ اهي رحجان انهن کي پنهنجي سياسي سرداريءَ خلاف سازش نظر اچن ٿا ۽ هو سنڌ جي صحافين سان ائين ڳالهائيندا ٿا. جيئن پارت جا برهمڻ آڪاٿي دور دوران پنهنجي ڳوٺ جي شودر سان ڳالهائيندا هئا. جڏهن ته اڄ به جڏهن اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ مان ڪنهن اردو چينل جي اينڪر جي انهن طرف ڪال اچي ٿي. تڏهن انهن جي لهجن ۾ ماڪيءَ جا مٺ اوتجي اچن ٿا ۽ هو پاڻ واريءَ وانگر وڃائجي وجن ٿا. پر جڏهن انهن کان انهن جي هولي ۽ هوءَ پوتي پائڻ کان سواءِ سڏو در تائين پهچي پچي ٿي: "پريا آئي ..؟" نه. پريا نه آئي. برسات آئي، پريا نه آئي. سردي آئي، پريا نه آئي. گرمي اچي رهي آهي پر پريا جو ڪو پتو ناهي. هن کي زمين ڳڙڪائي وئي؟ هن کي آسمان ڪٽي ورتو؟ ڇا هوءَ کو سڪل پن هئي. جيڪو وقت جي واءَ تي اڏامندو ايترو دور هليو ويو آهي جو اتان هن جي اڇٽ جي اميد به پنهنجا پساهه پورا ڪري چڪي آهي!؟

دنيا ڪجه به چوي. حڪومت ڪهڙا به دڙڪا ڏئي. پر هڪ ماءُ جي انتظار کي ڪائي ڏمڪي ۽ ڪائي دهشت ختم ڪري نه ٿي سگهي. پريا ڪماريءَ جي امڙ انتظار جي سوريءَ تي اڍائي سالن کان وٹي لڙکي رهي آهي. هن جو اکين پنهنجي ٻچڙيءَ جي واٽ نهاري نهاري ٽڪجي پيون آهن. پر معلوم ناهي ته هوءَ هڪ مسڪين هندو پريوار جي راڄ ڪماري کهڙو بنواس پوگهي رهي آهي؟ هن کي کهڙي ڏوهه سبب امڙ جي آغوش کان ڇني ڌار ڪيو ويو؟ حڪومت پريا جي پرسرار گمشدگيءَ جي متان نه رڳو پردو وجهي ويئي آهي پر هوءَ هاڻي پريا متعلق سوال پڇڻ تي آپي مان نڪري وجي ٿي ۽ اهڙا عجيب منطق پيش ڪري ٿي. جنهن تي ڳڙهي خدابخش به ڳڻتيءَ ۾ ويڙهجي وجي ٿو.

جڏهن 9 حڪومتن جو عيني گواهه ۽ وارثون وار وزير ٽيندڙ سکر جو مدل ڪلاس ماڻهو ۽ هاڻي انرسنڊ جو وڏو وڪيرو پريا ڪماريءَ جي سوال تي چڙي چوي ٿو ته. "توهان کي اڍائي سالن کان پوءِ پريا ڪماري ڇو ياد آئي آهي؟" تڏهن هن کان اهو وسري ٿو وڃي ته هن جي سموري سياست ماضيءَ جو ماتر آهي. ڇا هو سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اهو چٽي سگهي ٿو ته. "شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 45 سال کان پوءِ ياد ڇو آيو آهي؟" افسوس صد افسوس. انهن انسانن تي جيڪي سچ ۽ انصاف کي پنهنجي سياسي ساهميءَ ۾ تورين تا ۽ اٽل سڏائين ان طرف ڪن ٿا. جنهن طرف انهن جو مفاد هجي. ان سلسلي ۾ صرف سکر جي سرڪاري جيالي تي تهمت نه ٿي هٿڪي پر لاڙڪاڻي جا سينئر اڳواڻ به ان سلسلي ۾ پوئتي ناهن. جڏهن به انهن کان پريا ڪماريءَ جي باري ۾ پڇا ڪجي ٿي ته. انهن جو "ميٽرشارٽ" تي وجي ٿو ۽ انهن جي اکين ۾ ڏکار ۽ انهن جي لفظن ۾ ڏمڪيون داخل ٿي وجن ٿيون ۽ انهن جا لهجا اهو بيان ڏيڻ لڳن ٿا ته. آخر اوهان ڪهي سوال پڇڻ جي همت ڪيئن ٿي؟ هي ته "ووٹ وٹي واعدا وساريو" واري سسٽر جا چلتا پرزا آهن. انهن جي لاءِ "رات گئي، بات گئي" آهي. انهن کي اڍائي سال پراڻو واقعو ۽ اهو به هڪ گمنام شهر جي غريب گهر جو ۽ ان مٽان وري سموري سنڌ ۾ احتجاج ۽ سوشل ميڊيا تي توائي پريو طوفان! آهي رويا ۽ اهي رحجان انهن کي پنهنجي سياسي سرداريءَ خلاف سازش نظر اچن ٿا ۽ هو سنڌ جي صحافين سان ائين

بقايا ********

01

ع ٻارن ۾ راندڪا ۽ گنت ڏيا ويا جڏهن ته آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي حڪم تحت عبدالقدر جي آمد جي موقعي تي سنڌ پوليس ويلفيئر برانچ پاران ڊي ايس پي بلاڻي شاهه ڪريم محمد خان زنئور ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر محمد بخش خاصخيلي شهيد پوليس اهلڪارن گهر پهچي ڪري ٻيوهاڻن ۽ ان جي فيمليز کي چيڪ ميائي گلدستا ۽ ٻارن ۾ عيد گفٽ ۽ راندڪا ڏنا ويا ان موقعي تي آفيسرن پاران شهيدن جي فيملين کان سندن مسئلا بابت معلومات ورتي ۽ ان موقعي تي حل ڪرائڻ جا حڪم ٻڌ جاري ڪيا ويا ان دوران ايس ايس پي سيد امداد علي شاه پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن خوشين جي لمحي ۾ سنڌ پوليس جي فيملين سان گڏ ٻيئل آهين شهيدن جي فيملين جي مسئلن جو فراهر ڪندا.ايس انڊرال شهيدن جي فيملين بارن ايس ايس پي جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا ********

02

سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي سڪر جي ڊائريڪٽوريٽ ريجن سڪر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته ڊپٽي انسپيڪٽر عابد پنهور مل مالڪن سان ملي پڪٽ ڪري امدادي رقم جي وڏي پئماني تي ڪريشن ۾ ملوٽ آهي. جنهن جي جاچ ٽيڻ ڪهرجي. سڪر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته سي سي جا ڪجھ ڪريٽ آفيسر ڪوبه ڪر نه ڪري رهيا آهن مزدورن جي پلاٽي لاءِ سي سي سڪر ريجن ڊائريڪٽوريٽ جا آفيسر، سڪر ريجن ڊائريڪٽوريٽ ڪراچي ڪان پوءِ سنڌ جو سڀ کان وڏو ڊائريڪٽوريٽ آهي، جنهن ۾ خيرپور، شڪارپور، ڊيڪب آباد، ڪنڊڪوٽ ڪشمور، گهوٽڪي شامل آهن ۽ انهن جا لکين مزدور مختلف شعبن ۾ ڪر ڪري رهيا آهن. فيڪٽرين، رائس مل، فلور مل، شگر ملون ۽ گهوٽڪي جن جي ڪهار مان هر مهيني 1500 روپيا امداد طور ڪٽوتي ڪٽي ويندي آهي، جنهن جي وصولي سي سي ڊائريڪٽوريٽ سڪر جي ذميواري آهي ۽ مزدورن جي رجسٽريشن به ان جي ذميواري آهي بدقسمتي سان ڇوٽڪو ٽوپوئي ته سي سي ڊائريڪٽوريٽ سڪر ۾ ڪافي عرصي کان ڪرپ